# چچڙن جو بخار

## تعارف

چچڙ اُهي ٻاهريان مفت خور ڪيڙا آهن جيڪي مختلف جانورن جو رت چُوسي جيئرا رهندا آهن. اهي سڀني طرح جانورن کي متاثر ڪندا آهن ۽ خاص طور تي پيشاب ۾ رت اچڻ (Babesiosis) ۽ چچڙن جي بخار (Theileriosis) وارن انفيڪشن کي منتقل ڪندا آهن.

## نشانيون

چچڙ اڪثر ڪري جانورن جي جسم تي ظاهر هوندا آهن. جڏهن اهي پهريان چمبڙندا آهن ته اُهي شايد سڏا ۽ ڳاڙهي ناسي رنگ جا هوندا آهن . جڏهن اهي رت چوسيندا آهن ته اهي تمام وڏا ٿي ويندا آهن ۽ اڪثر نيرا پورا ۽ گول ٿي ويندا آهن.



گهڻي تعداد ۾ ڪيڙن لڳڻ جا نقصان

- رت جي گهٽتائي
- وزن ۾ گهٽتائي
- کير جي پيداوار گهٽجڻ
- بخار ٿيڻ
- وزن وڌائڻ ۾ ناڪامي

## چچڙن واري بيماري جي جانچ

چچڙن کي ظاهري اکين سان ڏسي سگهجي ٿو. چچڙن جي چڪاس ڪرڻ لاءِ، پچ جي هينيان، بغل يا ڳچي ۽ ٽنگن جا هينيان حصا ڏسڻ گهرجن.

## چچڙن جي تشخيص

- ماده چچڙ گاهه يا مختلف جڳهين تي بيضا ڏيندا آهن. جيڪي بيضا پچي ڪري ننڍڙا چچڙ پئدا ڪن ٿا. مختلف قسمن جا چچڙ مختلف جڳهن تي بيضا لاهن ٿا.
- جانور چرائي ڪرڻ دوران يا گهر ۾ اچڻ دوران ننڍڙن چچڙن کان متاثر ٿيندا آهن.
- ڪجهه قسمن جا چچڙ پنهنجي سڄي زندگي هڪ جانور تي گذاريندا آهن پر ٻيا جيئن جيئن وڏا ٿيندا آهن تيئن هڪ جانورڪان ٻئي جانور ۾ منتقل ٿيندا رهن ٿا.

## علاج

چچڙن جي گهٽ تعداد جي موجودگي کي علاج جي ضرورت نہ هوندي آهي. چچڙن جي وڏي تعداد سان متاثر ٿيندڙ جانور کي سُئي يا ڦوهارو / صاف ڪرڻ واري ڪيميڪل ذريعي علاج ڪري سگهجي ٿو. اهڙو طريقو چونڊيو جنهن سان جانورن جي گهڻي تعداد جو علاج ٿي سگهي ۽ ٻيون سهولتون ۽ دوائون آساني سان واپرائي سگهجن. دوائن تي

لکيل سيني هدايتن تي عمل ڪريو، انهيءَ ڪري جوڪجهه دوائون ڏڪين يا کير ڏيندڙ جانورن ۾ استعمال نہ ٿيون ڪري سگهجن.

**انجيڪشن يا سُئي:**

**انجيڪشن آورميڪٽين** 1 ملي ليٽر 50 ڪلو گرام جسماني وزن جي حساب سان چمڙي جي هيٺيان لڳائجي.

**ڦوهارو يا ڪيميائي مادو هڻڻ :**

- **سائپرميٿرن (مثال طور: سائپرين، ايڪٽوفيليز):** 1 ليٽر پاڻي ۾ 1 ملي ليٽر دوا ملائجي يا ٻَارجي.
- ڪيميائي مادي کي ملائڻ وقت دستانا پايو ۽ جڏهن جانورن تي لڳايو تہ گهٽ فاصلو رکجي. پيئڻ جي پاڻي وارن جاين جهڙوڪ: واهہ يا ڪينال ۾ ڪيميائي مادو نيڪال نہ ڪجي.

## احتياطي تدابير




ڦوهاڙو جانورن ۾ محدود ۽ غير هوادار جڳهين تي استعمال نہ ڪجي.

- جڏهن جانور اجايل هجي يا گرمائش ۾ هجي تہ جانور کي نہ وينجهارجي
- کاڌ خوراڪ يا پيئڻ جي پاڻي کي اسپري سان خراب نہ ڪريو.
- 3 مهينن کان گهٽ عمر وارن ڦرڙن کي اسپري نہ لڳايو.
- ٿڪو کير ڏيڻ يا حامل جانورن کي لڳائڻ کان احتياط ڪريو.

**قدرتي طور تي چچڙ هٽائڻ:**

- ڪڪڙيون ۽ ٻيا گهريلو پکي چچڙ جو شڪار ڪندا آهن، تنهن ڪري اهي جانورن جي چوڌاري چچڙن جو بار گهٽائڻ ۾ ڏاڍو فائدو ڏيندا آهن.

**گهريلو ٽوٽڪن سان چچڙ هٽائڻ:**

- 2 پياليون اڇو سرڪو ۽ 1 پيالي پاڻي شامل ڪري آورن ۽ واڙي جي چوڌاري ڇڙڪيو.

## چچڙن لاءِ بندوبست ۽ ضابطو

هينيان طريقا چچڙن لاءِ حڪمت عملي ۽ قابو ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا

- هلڪو ٻرندڙ ڪچري جو دونهون واڙي جي پٽين ۾ موجود ننڍن سوراخن جي ويجهو خارج ڪرڻ سان چچڙن کي هٽائڻ ۾ مدد ملندي آهي.
- ساون گاهن جي پنن ۽ ڪاٺ جي ٻور کي واڙي مان ڪڍڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ چچڙ اتي رهن ٿا.
- هٿرادو طريقي سان جانورن جي جسم تان چچڙن کي هٿ سان ڦيرائي ۽ چڪي هٽائجي.
- وڏي پيماني تي خراب وٿاڻ يا واڙي کي ٽرائيڪلورفان (مثال طور: ٽرائيڪلورفان دوائن ۾ ٽيگافون، ايڪٽوفون ۽ سيگوان شامل آهن)

استعمال ڪرڻ جو طريقو: 1 ليٽر پاڻي جو 1.5 گرام ٽرائيڪلوفان ملائڻ گهرجي.

**احتياط:** نشاندهي ٿيل سيني هدايتن تي عمل ڪريو، پاڻي يا خوراڪ کي خراب نہ ڪيو. انسانن کي ڪيميائي مادي جي رابطي ۾ نہ آڻيو.

Aik Saath
ايڪ ساتھ
Together
THE UNIVERSITY OF MELBOURNE
UVAS
UNIVERSITY OF VETERINARY AND ANIMAL SCIENCES LAHORE
حڪومت سنڌ
Government of Sindh